ڊاڪٽر بشير چانڊيو (فياض لطيف)

# شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ درد جي دلڪشي


***Abstract:***

**Aesthetic and Melancholic Aspect of Shah Latif's Poetry**

*Aestheticism is an all-encompassing term for all forms of beauty whether natural or man-made, subjective or objective, spiritual or physical. Shah Latif's poetry is replete with ideas portraying beauty in its myriad forms. He depicts multiple colours and shades of his motherland. His poetry is a splendid projection of the beauty of humanly thoughts and passions.*

*Shah Latif's poetry is also a sublime representation of inner pain and anguish. Latif's verse is a grand portrayal of universal beauty in its multitude shapes and forms.*

*This research article focuses on beauty and pain and their intricate relationship in the poetry of Shah Latif.*


**موضوع بابت وضاحت :**

درد بابت اهو تصور عام آهي تہ اهو تڪليف ڏيندڙ ۽ پيڙائيندڙ هوندو آهي، اُنهيءَ ڪري هر ماڻهو درد کان ونئون ويندو آهي. هر انسان سُک ۽ سڪون جو طالبو هوندو آهي، پر شاهه لطيف اهڙو انوکو شاعر آهي، جيڪو نہ رڳو 'سُکن' جي نسبت 'ڏکن' کي وڌيڪ اوليت ۽ اهميت ڏئي ٿو، پر 'سُکن' کي 'ڏُکن' تان گھورڻ ۽ قربان ڪرڻ جي ڳالهه پڻ ڪري ٿو. لطيف سورن جو سوداگر شاعر آهي، اُنهيءَ ڪري سندس شاعريءَ ۾ 'درد ۽ سور' جو وکر سڀ کان سرس ملي ٿو.

**موضوع بابت ڪجهه سوال :**

١. پيڙائي درد کي ايڏي اهميت ڇو ٿو ڏئي؟

٢. لطيف جي اڪثر ڪردارن وٽ ڏکَ ۽ ڏُهاڳَ ڇو آهن؟

٣. لطيف لاءِ درد ايڏا دلڪش ۽ پيڙائون ايتريون عزيز ڇو آهن؟





۴. شاهه سور کي سگهه ۽ سُرت بڻائي، منزل ۽ مقصد ماڻڻ جي ڳالهه ڇو ٿو ڪري؟

۵. پيٽ ڏٽي پنهنجي شاعريءَ ۾، بار بار 'گھوريا سُکَ، ڏُکن ريءَ' جي تلقين ڇو ڪئي آهي؟

**بحث جا چند اهم نقطا ۽ ڳرُ :**

- جماليات، ان جي وصف، وقعت ۽ ان جو انساني زندگيءَ سان مجموعي سُبنڌ
- جماليات ۽ شاعري
- جماليات، لطيف ۽ درد جو حُسن
- سُکَ جي نسبت ڏُکَ، جيئن تہ 'سيکاريندڙ ۽ سبق آموز' هوندا آهن، اُن ڪري عملي طرح لطيف انهن کي نہ فقط پنهنجو ساٿي ۽ سونهون بڻائي ٿو، پر زندگيءَ جي مسافت ۾ ٻين کي پڻ ساڳي هدايت ڪري ٿو.
- پيڙائي درد کي 'ٽوڙيندڙ' نہ، پر 'جوڙيندڙ' جي صورت ۾ پيش ڪري ٿو، جنهن ڪري اُن مان دهشت ۽ وحشت جي بوءِ اچڻ بدران 'محبت' ۽ 'پنهنجائپ' جي آسيس اچي ٿي.
- لطيف جي شاعريءَ ۾، درد رهبر ۽ رهنماءَ جي علامت آهي، اُن ڪري اهو ماڻهوءَ جو ڏڍ بڻجي، اُن کي همٿائڻ ۽ اڳتي وڌڻ جو نہ رڳو حوصلو عطا ڪري ٿو، پر ڪيس منزل تي رَسائڻ ۾ وڏي مدد ڪري ٿو.
- شاهه لطيف درد سان نہ رڳو دل جو وضو ساري، اندر کي اُجرو ڪري ٿو، پر شعوري ۽ فڪري طرح اُن مان تجربن ۽ مشاهدن جا نت نوان جهان پڻ ماڻي ٿو.

حُسن ۽ فن جي باريڪين کي سمجھڻ لاءِ جماليات هڪ جامع، جديد ۽ پرک جو اهڙو سائنسي پيمانو آهي، جنهن سان حُسن، فن ۽ ان سان لاڳاپيل عنصرن جي ماهيت، قدرن ۽ معيارن جو تعين ڪري، سونهن جي گهڻ طرفي تشريح ۽ ڇنڊڇاڻ ڪري سگهجي ٿي. اصل ۾ جماليات هڪ وسيع فلسفياڻو، فڪري ۽ حِسياتي اصطلاح

آهي، جنهن ذريعي فن جي جُزيات ۾ ساڄاهه ۽ سُرت سان گڏوگڏ فطرت جي گوناگون حُسن، جوت ۽ جمال جي صداقتن کي پرکي ۽ پُرجهي سگهجي ٿو. ٻين لفظن ۾ جماليات، انساني سونهن، لطيف فنن جي نُدرتن ۽ ڪائنات جي حُسناڪين جي جلال ۽ جمال کي پرکڻ ۽ دريافت ڪرڻ جو فڪر ۽ فلسفو آهي، جنهن جي مدد سان سونهن جي اصل جوهر کي ڄاڻي ۽ ماڻي سگهجي ٿو.

جماليات جو تعلق فطرت، انسان ۽ ان جي احساساتي ۽ معاشرتي زندگيءَ سان آهي. انسان ازل کان سونهن جو متلاشي ۽ مشتاق رهيو آهي. هن جا پنج ئي حواس، سندس شعور ۽ لاشعور، حُسن جي تلاش ۽ ان جي حاصلات لاءِ سدائين سرگردان رهيا آهن. اها قادرِ مطلق جي سونهن هجي يا سماجي زندگيءَ جي سُندرتا، انسان جي داخلي ڪيفيتن جي حُسناڪي ۽ سندس فڪر ۽ فن جو تخليقي حُسن هجي يا سندس وجود جي خارجي خوبصورتين جو مانداڻ، اهو زندگيءَ جي لذتن جو حُسن هجي يا موت ۽ حيات جي صداقتن جي سونهن، انسان پنهنجي پوري زندگي ’سونهن جي ان سحر ۽ ساگر‘ کي سمجهڻ ۽ ماڻڻ ۾ گذاري ڇڏي آهي، پر حقيقت ۾ هو اڄ تائين ان کي مڪمل طور پُرجهي ۽ پائي ڪو نه سگهيو آهي ۽ شايد ڪڏهن به ان کي ڪُلي طور ساڄاهي ۽ حاصل ڪري به ڪو نه سگهندو، ڇو ته سونهن پنهنجي جوهر ۽ جمال ۾ ايتري ته گهڻ رنگي ۽ همه گير آهي، جو ان جي مِڙني ڏسائن ۾ پکڙيل جلوَن ۽ جمال کي هڪ نظر ۾ سميٽي، پَسڻ ۽ پُرجهڻ ناممڪن آهي. ها البته ’حُسن‘ جي ان وسيع ۽ اڻ کٽ مانداڻ جو مختلف زاوين ۽ بصيرتن آڏار مشاهدو ڪري، پنهنجي ’محسوسات، حِظ، تجربي ۽ تسڪين‘ جي بنياد تي ڪو ’احساس‘ اوري سگهجي ٿو، ۽ اها ’احساس جي اور‘ ئي وسيع ’فني ۽ حِسي‘ تناظر ۾ جماليات چوائي ٿي.

حُسن ۽ جمال جي تاريخ به ايتري ئي آڳاٽي آهي، جيتري خود هيءَ ڪائنات قديم آهي ۽ ان جي واڌ ويجهه ۽ اؤسر به انساني شعور ۽ فهم سان گڏ ٿي آهي. ماڻهوءَ جي شعوري، تهذيبي، تمدني ۽ ثقافتي قدرن جي آڌار سونهن ۽ حُسن جا معيار جُڙيا، اُسريا ۽ نِسريا آهن. ٻين لفظن ۾ جماليات، انسان جي هيجاني ڪيفيتن، مشاهداتي محسوسات، ثقافتي قدرن ۽ ڪارگذارين جو اهڙو ’حِسياتي رڪارڊ‘ آهي، جيڪا انيڪ نوع جي تبديلين ۽ تحرڪ جا ڪيئي موڙ اُڪري، موجوده حيثيت ۽ منزل تي





پهتي آهي. مختلف وقتن ۽ دؤرن ۾ جماليات کي مختلف معنائن ۽ مفهومن ۾ ورتو ۽ پنهنجو ڪيو ويو آهي، پر ان جو مرڪزي نقطو سدائين ’سونهن ۽ ان جي ساڄاهه‘ ئي رهيو آهي.

يوناني مفڪرن کان وٺي جرمن دانشورن تائين هر عالم جماليات کي پنهنجي فڪر، فلسفي ۽ بصيرت موجب سمجهڻ ۽ بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. افلاطون اُن کي نيڪي، ڀلائي ۽ اخلاقيات جو ذريعو ڄاتو. ارسطوءَ ان کي حُسن، حُسن جي فطرت، ماهيت ۽ فنونِ لطيفه جي قريب ڪري ۽ فنڪارانه تجربي کي جمالياتي تجربو سمجهيو. فيثاغورث، جماليات کي فلسفي جي هڪ شاخ قرار ڏنو. ليونارڊ، فطرت جي جلال ۽ جمال جي حُسناڪين کي سمجهڻ لاءِ جماليات جو سهارو ورتو. اهڙيءَ ريت هيگل، زندگيءَ جي سونهن، صداقت ۽ فن جي تخليقي ڪرشمي سازين کي سمجهڻ لاءِ جماليات کي ضروري ۽ اهم ذريعو قرار ڏنو. ڪانٽ ان کي ماورائيت سان تعبير ڪري، فطري سونهن کي ئي اصل سونهن جو ماخذ ۽ مرڪز تصور ڪيو. ڪروچيءَ ان کي وجداني ڪيفيتن جو نتيجو ڪوٺي، حُسن کي هن سنسار جي جاذب ترين وَٿ قرار ڏنو. جڏهن ته بام گارٽن زندگيءَ ۽ ڪائنات جي سونهن ۽ سُندرتا کي حِسي تجربن، مشاهدن ۽ محسوسات جي ذريعي سمجهڻ، ساڄاهڻ ۽ ماڻڻ جي عمل ۽ احساس کي جماليات جو نالو ڏنو.

حُسن جي ماهيت، مشاهدي ۽ محسوسات جي باري ۾ هر جمالياتي مفڪر جي راءِ مختلف ۽ پنهنجي آهي. ڪي سونهن کي داخلي احساسن ۽ ڪيفيتن جو فطري نتيجو سمجهن ٿا، ڪي ان کي خارجي مظهر ۽ مامرو قرار ڏين ٿا، ته ڪجهه وري ان خيال جا آهن ته، حُسن درحقيقت موضوع ۽ معروض جو حسين امتزاج آهي. پر هڪ ڳالهه، جنهن تي گهڻو ڪري اڪثر عالم متفق آهن ته، جماليات مجموعي طرح انسان جي داخلي اُڌمن، جذباتي هيجانن ۽ حِسياتي ڪيفيتن جي پرک جو اهڙو ماڻ ۽ ماپو آهي، جنهن سان حُسن ۽ فن جي سُوجهه ۽ ساڄاهه حاصل ڪري، ان جي احساساتي رد عمل مان محظوظ ۽ مسرور ٿي سگهجي ٿو.

سقراط، افلاطون، سيسرو ۽ ليسنگ کان وٺي بام گارٽن، ڪروچي، ڪانٽ، هيگل ۽ ٻين انيڪ مفڪرن تائين جماليات بابت هر ڪنهن جو نڪتهءِ نظر پنهنجو ۽

مختلف آهي. ڪو ان ڪي حواسن ذريعي حاصل ٿيندڙ ادراڪ ۽ احساس سمجهي ٿو، ته ڪوئي ان ڪي فنون لطيفه تائين محدود تصور ڪري ٿو. ڪنهن لاءِ سونهن خارجي صداقت آهي، ته ڪو انهيءَ کي داخلي هيجان ۽ حسيت جي ڪرشمي سازي قبول ڪري ٿو. پر انهن سڀني مان هيگل جا حُسن بابت ويچار ڏيان ڇڪائيندڙ، تخليقي، مختلف ۽ منفرد محسوس ٿين ٿا؛ ڇو ته هو جماليات کي مختلف ڏسائن ۽ وسيع فڪري، فني ۽ احساساتي تناظر ۾ ڏسڻ ۽ انهن تي تفصيلي بحث ڪرڻ کان پوءِ، مجموعي نتيجو اهو ڪڍي ٿو ته، اهي فنونِ لطيفه ۽ فطري جماليات جا مظهر ئي آهن، جيڪي جمالياتي جهان کي جنم ڏين ٿا.

هيگل جي خيال موجب، ”فن جي ظهور جون ٽي مختلف صورتون آهن: رمزي، ڪلاسيڪي ۽ روماني. فنِ تعمير رمزي فن آهي، جڏهن ته سنگتراشي فن جي ڪلاسيڪي صورت آهي ۽ مصوري، شاعري ۽ موسيقي، فن جون روماني صورتون آهن.“(۱) جيڪي الڳ توڙي پنهنجي مجموعي جوهر ۾ حُسن ۽ جمال جا مظهر پَسائن ٿيون.

ماڻهو پنهنجن حواسن وسيلي جيڪو ڪجهه ڏسي وائسي ۽ محسوس ڪري ٿو، ان جو واسطو گهڻو ڪري خارجي ۽ داخلي حقيقتن ۽ حُسناڪين سان آهي ۽ اهي خارجي ۽ داخلي صداقتون هڪ موڙ تي پاڻ ۾ ملي ’وجداني جمال‘ کي جنم ڏين ٿيون. جماليات جو اهو داخلي ۽ وجداني اثر، انسان کي اهڙن انوکن روماني احساسن ۽ اسرارن، تخليقي ۽ تخيلي جهان کان آشنا ڪري ٿو، جنهن ۾ نه رڳو تصور، تخيل ۾، ۽ تخيل، تخليق ۾ سرايت ڪري، سونهن جي نکور احساسن کي اُتپن ڪري ٿو، پر سونهن پنهنجي مِڙني احساساتي ۽ فني اوصاف سان اُڀري سامهون اچي ٿي.

يقيناً هر ماڻهوءَ وٽ حُسن جي پرک جا پنهنجا معيار آهن. هر شخص سونهن جي معاملي ۾، نه رڳو پنهنجو احساس، ادراڪ ۽ نڪتهءِ نظر رکي ٿو، پر هن وٽ فنونِ لطيفه ۽ مجموعي ڪائنات جي حُسن ۽ حصار، منظرن ۽ مظهرن کي پَسڻ، پَرکڻ، پُرجهڻ ۽ دريافت ڪرڻ جي پڻ پنهنجي بصيرت، شعوري سُرت، فڪري وسعت ۽ احساساتي حِس هوندي آهي. سونهن پنهنجي فطري جوهر ۾ جيتري جاذب ۽ پُرڪشش آهي، اها پنهنجي معنوي ۽ اصطلاحي مانداڻ ۾ ايتري ئي گهري، ڳُوڙهي، گهڻ رخي ۽ وسعت





رکندڙ آهي.

جماليات (Aesthetics) جي هڪ سادي وصف ٻُڌائيندي، پال فورڊ (Paul Ford) پنهنجي هڪ ليک ۾ لکي ٿو:

“Aesthetics is the philosophical branch of inquiry concerned with beauty, art and perception. From its philosophic roots in ancient Greece, where thinkers like Socrates and Plato considered the inherent meaning and beauty of things, aesthetics is also used to refer to the critique of art and design.

The word – aesthetics – derives from the ancient Greek word ‘Aisthanomai’, which means perception by the senses. As such, it is used in modern English as a noun, in the sense that something can appeal to the senses. Since the meaning of the word relies upon sensory perception, its definition is fluid, varying through time, and it is subjective, differing between people and cultures. In a more general sense, aesthetics as a philosophy refers to the study of sensory values.”(2)

(جماليات، فلسفي جي هڪ شاخ آهي، جنهن جو تعلق حُسن، فن ۽ ان جي تصورن جي ڇنڊڇاڻ سان آهي. قديم يونان ۾ ان جون پاڙون سقراط ۽ افلاطون جهڙن فلسفين جي فڪر ۾ ملن ٿيون، جن ان کي شين جي سونهن جي معنيٰ ۾ ورتايو. جماليات جو لفظ فن ۽ ان جي جوڙجڪ تي تنقيد جي حوالي سان به استعمال ڪيو ويندو آهي. ايسٿيٽڪس (Aesthetics) لفظ قديم يوناني لفظ ايستانومائي (Aisthanomai) مان ورتل آهي، جنهن جو مطلب آهي، ڪنهن شيءِ کي حواسن ذريعي محسوس ڪرڻ. جديد انگريزي ٻوليءَ ۾ اهو لفظ اسم طور ڪنهن اهڙي شيءِ جي مفهوم ۾ استعمال ٿيندو آهي، جيڪا حواسن تي اثر انداز ٿئي. جيئن ته ان لفظ جي معنيٰ جو دارومدار جبلتن جي محسوسات تي آهي، انهيءَ ڪري ان جي وصف به هڪ نه، پر ڪيترين ئي ٿي سگهن ٿيون، جيڪي وقت بوقت تبديل ٿينديون رهيون آهن. اها داخلي ۽ احساساتي هجڻ سبب، هر ماڻهو توڙي هر ثقافت ۾ مختلف انداز سان ملي ٿي. عام ۽ ٿورن لفظن ۾ ائين چئبو ته، جماليات، فلسفي جي حيثيت ۾ احساساتي قدرن جو اڀياس پيش ڪري ٿي.)

جديد دؤر ۾ جماليات جو اصطلاح مٿيئن معنائن ۽ مفهومن جون سيمائون اُڪري، ان نهج تي پهتو آهي، جتي ٻين سڀني ادبي ۽ فني اصطلاحن جي برعڪس

جماليات جو اصطلاح زندگي ۽ ڪائنات جي جمالياتي مظهرن ۽ وسيع فني صداقتن کي سمجھڻ ۾ وڏيڪ آساني ۽ معاونت فراهم ڪري ٿو. بقول شڪيل الرحمان، ”جماليات جتي فنونِ لطيفه جي روح جي گهرائين کي سمجهڻ شروع ڪيو آهي، اُتي ان انسان کي ماضيءَ جي فَن کي ڏسڻ ۽ پرکڻ جي نئين بصيرت به عطا ڪئي آهي. انهيءَ بصيرت ماڻهوءَ جا حُسن ۽ فن جي جمال ۽ جلال مان حظ حاصل ڪرڻ جا انداز ئي تبديل ڪري ڇڏيا آهن. ايڏي وڏي تبديلي فنونِ لطيفه جي تاريخ ۾ اڳ ڪڏهن نه آئي هئي.... هاڻي جماليات هڪ اهڙو جهان بڻجي چڪي آهي، جنهن ۾ سمورا مظهر ملي هڪ وحدت بڻجي پيا آهن ۽ اها وحدت، ڪثرت جا روپ ۽ رنگ پڻ پَسائي ٿي.“(٣)

جماليات جي دائري ۾ نه رڳو، ’جمال، جلال، رنگ ۽ نور‘ جون صداقتون ۽ سُندرتائون اچي وڃن ٿيون، پر ان جي قدرن ۾ فنونِ لطيفه جي طويل فهرست پڻ شامل آهي، جنهن ۾ شاعري، موسيقي، مصوري، خطاطي، سنگتراشي، عمارت سازي ۽ رقص وڏي وقعت جا حامل آهن. ”فطرتي جمال ۾ جتي صبح جي ٽڏڙي هير، گلن جي خوشبو، مينهن جي سنهڙي بوندار، رات جي پهر ۾ گهوناٽي ماحول ۾ نظر ايندڙ تارن جون بي جوڙ قطارون ۽ ڪير ڏارا (شهر جي ميري روشنيءَ ۾ فطرت جا ڪيترائي نظارا گم ٿي وڃن ٿا، فطرت جي سونهن جو اصل معراج ۽ مظهر گهوناٽو ماحول هوندو آهي) شامل آهن، اُتي فطرتي جلال ۾ ڪکرن جون ڊوڙندڙ قطارون، بادلن جي گجگوڙ، ڪنوڻ جا چمڪاٽ، وڄ جا ڪڙڪاٽ، آبشارن مان پاڻيءَ جو ڪِرڻ، سمنڊ جون ڇوليون وغيره شامل آهن.... ٻئي طرف رنگ ۽ نور، جماليات جا اهڙا حسياتي ميلان آهن، جن ۾ سونهن نکري نروار ٿئي ٿي. انسان کي جتي شام جو سرخ رنگ وڻي ٿو، اُتي صبح جي وهنتل روشني به لُبائي ٿي، جتي گلن جا ڳاڙها، نيرا، پيلا ۽ گلابي رنگ وڻن ٿا، اُتي انهن ئي رنگن ۽ خوشبوئن جي اثر هيٺ من ۾ جيڪا تازگي پيدا ٿئي ٿي، اها ان نور جو جلوو هوندي آهي، جيڪو سونهن جي اثر سبب پيدا ٿئي ٿو.“(٤)

حقيقت ۾ سونهن رڳو فطري منظرن، فني دلڪشين، ماحول ۽ سماج جي ثقافتي لقائن تائين محدود نه آهي، پر ان ۾ انسان جي شڪل ۽ صورت جي سُندرتا ڪان وٺي ماڻهوءَ جي سُک، سرهائي، درد، سور ۽ ڪرب تائين جون سموريون ڪيفيتون اچي وڃن ٿيون.





”اهو حُسن جو احساس ئي هجي ٿو، جيڪو فن جي تخليق جو باعث بڻجندو آهي ۽ ان جو بنيادي مقصد جمالياتي سطحن تي عرفان عطا ڪرڻ، سرمستي ۽ سرمدي سان آشنائي پيدا ڪرائڻ هوندو آهي. ٽريجڊي يا الميي جو احساساتي حُسن به ماڻهوءَ کي متاثر ڪندو آهي. عظيم فنڪار پنهنجي جمالياتي فڪر، فن ۽ بصيرت سان ’الميي‘ (Tragedy) کي احساساتي حُسناڪي عطا ڪندا آهن. اهو ئي سبب آهي جو، هر سُٺي ۽ اُتم تخليق جمالياتي هوندي آهي، معاشرتي، معاشي ۽ نفسياتي نه هوندي آهي. اها الڳ ڳالهه آهي ته، معاشرتي، معاشي ۽ نفسياتي قدرن ۽ عملن جي تحرڪ سان ئي ڪوئي تجربو، تخيل جو جوهر بڻجندو آهي.“(٥)

جماليات ۾ ’درد ۽ سور جي جمال‘ جي وڏي اهميت آهي. اهو درد ئي آهي، جيڪو انسان جي اندر ۾ وجداني جمال جون ڪيفيتون اُجاگر ڪري، ماڻهوءَ ۾ تخليقي سگهه ۽ سُرت کي جنم ڏيندو آهي. خاص طور تي تخليقي ۽ آرٽسٽ ماڻهن لاءِ درد وڏي وٿُ هوندو آهي. هو ان کي ئي پنهنجن سمورن روڳن جي راحت ۽ اهنجن جي آٿت محسوس ڪندا آهن. سورُ، انهن لاءِ اهڙي سُرور ۽ سوز مترادف هوندو آهي، جنهن سان هو نه رڳو تخيل ۽ تخليق جون حُسناڪيون ڇاڻي ۽ ماڻي سگهندا آهن، پر سورُ سندن ’ڪيٿارسس‘ جو ذريعو پڻ هوندو آهي، تڏهن ئي ته جرمن اسڪالر نٽشي (Friedrich Nietzsche) جهڙو ناستڪ ماڻهو پڻ ’درد ۽ سور‘ کي اندر جي اوجر ۽ روح جي نجات جو مؤثر ذريعو قرار ڏيندي، لکي ٿو ته:

"Only great pain is the ultimate liberator of the spirit ...I doubt that such pain makes us 'better'; but I know that it makes us more profound.... What does not destroy me, makes me stronger."(6)

(فقط شديد درد ۾ ئي روح جي نجات ممڪن هوندي آهي. منهنجو خيال آهي ته، اهڙو درد ئي، نه رڳو اسان کي بهتر بڻائيندو آهي، پر اهو اسان جي تڪميل ڪندو آهي: جيڪا شيءِ مون کي تباهه نه ٿي ڪري، اها مون کي وڌيڪ مضبوط بڻائي ٿي.)

شاهه عبداللطيف ڀٽائي پڻ ’درد ۽ سورَ‘ کي وڏي اهميت ڏني آهي. هن جي نظر ۾ ’سُورَ‘ هڪ تخليقڪار ۽ آرٽسٽ لاءِ اشد ضروري آهن، ڇو ته اهي ئي اُن جي اندر کي نه فقط اُجاري اَڇو ڪندا آهن، پر هن جي تخليقن ۾ پڻ نئون نکار پيدا ڪندا آهن. حقيقت ۾ انسان جي ’سکيا ۽ سُرت‘ جو وڏو ۽ اهم ذريعو به سورَ ئي آهن. ڏک ۽

ڏولاوا ئي ماڻهوءَ کي رچائي ريٽو ڪن ٿا ۽ اهي درد ئي هجن ٿا، جيڪي انسان جي راهه ۾ رهبر بڻجي، ڪيس منزلِ مقصود تي پهچائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن ٿا.

ڏيکارِيُسِ ڏُکَنِ، گُوندَرَ گَسُ پِرِينءَ جو،
سُونهائي سُورَنِ، کِي هيڪاندِي هوتَ سين.
(سُر حسيني، د-٦، ب-١)

درد ۽ سور آهي ڇا؟ ان سوال جا سائنسي، علمي، ادبي، نفسياتي ۽ احساساتي حوالي سان انيڪ رُخ، پهلو، پاسا ۽ جواب آهن، پر پاڻ هتي صرف ان جي چند رُخن تي روشني وجهندي، درد جي تخليقي، فني ۽ احساساتي پهلوئن تي پنهنجو ڌيان مرڪوز ڪنداسين، ڇو ته اسان جي موضوع جو دائرو ۽ تقاضا به اها ئي آهي.

’درد ۽ سور‘ لاءِ انگريزي ٻوليءَ ۾ ڪيترا ئي لفظ ملن ٿا. جيئن: Pain, ache, agony, anguish, discomfort, misery, soreness, trouble, distress, malady, throb, strain, paroxysm وغيره. جن مان ڪجهه لفظن جي آن لائن ڊڪشنريءَ ۾ وضاحت هن ريت ٿيل آهي:

“Pain, ache, agony and anguish are terms for sensations causing suffering or torment. Pain and ache usually refer to physical sensations; agony and anguish may be physical or mental. Pain suggests a sudden sharp twinge: a pain in one's ankle. Ache applies to a continuous pain, whether acute or dull: headache; muscular aches. Agony implies a continuous, excruciating, scarcely endurable pain: in agony from a wound. Anguish suggests not only extreme and long-continued pain, but also a feeling of despair”.[(7)]

(سور، درد، اذيت ۽ پيڙ اهڙا لفظ آهن، جيڪي تڪليف ۽ پيڙا جي احساس لاءِ استعمال ڪيا ويندا آهن. سور ۽ درد جو عام طرح سان جسماني احساس سان تعلق هوندو آهي. اذيت يا پيڙ جو احساس جسماني يا ذهني ٿي سگهي ٿو.. درد مان مراد آهي، اچانڪ شديد تڪليف جو احساس ٿيڻ. مثلا: ڪنهن جي مُري ۾ سور هجڻ وغيره. سور جو واسطو مسلسل درد سان آهي، جيڪو شديد يا هلڪو ٿي سگهي ٿو. جيئن مٿي جو سُور يا ڏورن جو سور. اذيت مان مراد مسلسل، شديد ۽ ناقابلِ برداشت درد آهي. جيئن ڪنهن زخم جو ڪُرڻ وغيره. پيڙا جو مطلب صرف شديد ۽ مسلسل درد نه آهي، پر ان سان گڏ مايوسي ۽ محروميءَ جي احساس جو هجڻ به آهي.)





پر ’سورن‘ لاءِ هڪ ٻيو لفظَ، pathos پڻ ملي ٿو، جيڪو انساني ’درد ۽ سور‘ جي ڪيفيتن جي چڱي عڪاسي ڪري ٿو، جنهن جي لغتن ۾ معنيٰ ۽ وضاحت هن طرح ملي ٿي:

Pathos (/ˈpeɪθɒs/, US: /ˈpeɪθoʊs/; plural: pathea; Greek: πάθος, for ‘suffering’ or ‘experience’ ;adjectival form: 'pathetic' from παθητικός) represents an appeal to the emotions of the audience, and elicits feelings that already reside in them.

The Greek word pathos means ‘suffering’‘ ,experience’ ,or ‘emotion. It was borrowed into English in the 16th century, and for English speakers, the term usually refers to the emotions produced by tragedy or a depiction of tragedy.

(پيٿاس (Pathos) ، جنهن جو جمع پيٿيا pathea آهي، اهو دراصل هڪ يوناني لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ پيو ڳنا ۽ تجربو آهي. صفت جي صورت ۾، اهو حاضرين ۽ سامعين جي ذهنن ۾ اُڀري، انهن احساسن جي نمائندگي ڪري ٿو، جيڪي اڳ ۾ ئي انهن جي وجود جو حصو هوندا آهن. يوناني لفظ ’پيٿاس‘ جي معنيٰ پيو ڳنا، تجربو يا جذبو آهي. اهو لفظ سورهين صديءَ ۾ انگريزي ٻوليءَ ۾ آيو. انگريزي ڳالهائيندڙ عام طرح اهو لفظ الميي يا الميہ نگاريءَ جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ احساسن لاءِ استعمال ڪندا آهن.)

سور جون ڪيئي صورتون ۽ ان جا ڪيترائي قسم ٿي سگهن ٿا، پر خاص ڪري درد جا ٻه اهم قسم ٻُڌايا وڃن ٿا: هڪ جسماني درد (Physical pain) ۽ ٻيو نفسياتي يا احساساتي درد (psychogenic or emotional pain)، جن جي وضاحت هن ريت ڪئي وئي آهي.

“physical pain is a distressing feeling often caused by intense or damaging stimuli, such as stubbing a toe, burning a finger----In medical diagnosis, pain is regarded as a symptom of an underlying condition.

Psychogenic pain is a pain disorder associated with psychological factors. Some types of mental or emotional problems can cause, increase or prolong pain. A person with a psychogenic or emotional pain disorder may complain of pain that does not match his or her symptoms”.[(8)]

(جسماني درد هڪ ايذائيندڙ احساس آهي، جيڪو اڪثر ڪري ڪنهن شديد اذيت مان پيدا ٿيندو آهي. جهڙوڪ پَٻ موئجي پوڻ، آڱر سَڙڻ وغيره. علم طب ۾ مرض شناسيءَ جي حوالي سان درد ڪنهن ٻي شديد تڪليف جي نشاني هوندو آهي.

ذهني ايذاءُ هڪ اهڙي تڪليف ڏيندڙ بيماري آهي، جنهن جو تعلق نفسياتي عنصرن سان آهي. ذهني ۽ اعصابي مسئلن جا ڪجھ قسم اهڙا آهن، جيڪي درد جي احساس کي وڌائي ڇڏيندا آهن. اهڙو ماڻهو، جنهن کي دماغي يا ذهني مرض آهي، اهو اهڙي درد يا تڪليف جي شڪايت ڪري سگهي ٿو، جنهن جو هن جي مرض جي نشانين سان ڪو تعلق نہ هوندو آهي.)

سورن بابت انگريزيءَ ۾ موجود لفظ ’Pathos‘ جي ادبي ۽ اصطلاحي معنيٰ ۽ مقصد جي حوالي سان هيءَ تشريح ملي ٿي:

“Pathos is a quality of an experience in life or a work of art that stirs up emotions of pity, sympathy and sorrow. Pathos can be expressed through words, pictures or even with gestures of the body. … Pathos is a method of convincing people with an argument drawn out through an emotional response… We humans are emotional beings and writers know it very well. They introduce pathos in their works to touch upon our delicate sensations such as pity, sympathy, sorrow and, consequently, try to develop an emotional connection with readers. In addition, emotions are part of real life. Thus, by giving pathos expression in their works, writers bring their narratives, characters and themes closer to real life. The use of pathos by a debater in an argument appeals to people emotionally, making it a tool to convince people and change their opinions”.(9)

(درد/ دلسوزي، زندگي يا ڪنهن فني تخليق مان پيدا ٿيندڙ اهڙو تجربو آهي، جيڪو رحم، همدردي يا ڏک جي احساسن کي جنم ڏيندو آهي. دردن کي لفظن، تصويرن توڙي جسماني ڏيک ذريعي پڻ اظهاري سگهجي ٿو. درد جي جذباتي ردِ عمل ذريعي ماڻهن کي مَجائي ۽ پاڻ ڏانهن متوجھ پڻ ڪري سگهجي ٿو. انسان جذباتي مخلوق آهي ۽ ليکڪ اها ڳالھ چڱيءَ طرح ڄاڻندا آهن. اهي درد جي احساس کي استعمال ڪري، انسان جي حساس جذبن جهڙوڪ: رحم، همدردي ۽ ڏکن کي جاڳائي، پڙهندڙن سان جذباتي تعلق قائم ڪندا آهن. جذبا زندگيءَ جو سچ آهن، ليکڪ ۽ سرجڻهار انهن کي پنهنجن تحريرن ۽ تخليقن ۾ استعمال ڪري، بيان، ڪردارن ۽ بنيادي ڪهاڻين کي زندگيءَ جي ويجهو آڻيندا آهن. مقرر ۽ مباحث (بحث ڪندڙ) گهڻو ڪري درد جي احساس کي استعمال ڪري، ماڻهن جي نہ رڳو جذبن کي اُڀاريندا ۽ ڀڙڪائيندا آهن، پر هو ڪين پنهنجي ڳالھ مَجرائي، انهن جا خيال ئي تبديل ڪري ڇڏيندا آهن.)

مٿين تفصيلن ۽ واضاحتن مان ثابت ٿئي ٿو تہ، درد جو لفظ توڙي جو عام





طرح سان ٻنهي ’جسماني ۽ احساساتي تڪليف، اذيت ۽ ايذاءَ‘ جي معنائن ۾ استعمال ٿئي ٿو، ۽ اهو اهي ٻئي ’رواجي ۽ غير رواجي‘ مفهومن جا تاثر پڻ پيش ڪري ٿو، پر حقيقت ۾ درد تڏهن ئي تعميري ۽ تخليقي بڻجي ٿو، جڏهن ’عشق، آجپي ۽ آدرش‘ جي آزمائشي رَندن ۽ پنڌن ۾، ماڻهو ان کي سهي ۽ پو ڳي ٿو، ۽ وجداني سطحن تي درد جي سانپ جي انهيءَ عملن ۽ تجربن کي تخليقي روپ بخشي ٿو. ٻين لفظن ۾ درد دلڪش، حسين ۽ حُسناڪ تڏهن ئي بڻجي ٿو، جڏهن اهو داخلي ڪيفيتن جي آويءَ مان پچي، رچي ’ڪُندن‘ بڻجي، آجپي، جستجوءَ ۽ زندگيءَ جي اجتماعي احساس جي قدرن جي لافاني رنگن ۾ رڱجي ٿو.

حقيقت ۾ درد هڪ اهڙي انساني جبلت آهي، جيڪا نہ فقط ماڻهوءَ جي انفرادي سطح تي تعمير ۽ تخليق ڪري ٿي، پر اها انسان جي اندر ۾، ٻين ماڻهن لاءِ احساس ۽ رحم جي جذبن کي پڻ پيدا ڪري ٿي. درد جي حالت ۾ ماڻهو نہ رڳو پنهنجي دل جي دنيا کان آشنا ٿيندو آهي، پر ڪيس ٻين جي دردن جو عجيب ۽ انوکي انداز سان ادراڪ بہ حاصل ٿيندو آهي، نتيجي ۾ ’درد‘ هڪ مشترڪ انساني رشتي جي حيثيت ۾ اُڀري سامهون ايندو آهي.

ارسطو چواڻي: الميو (Tragedy) (جيڪو بذات خود اَٿاهہ درد جي پيداوار هوندو آهي) انسان ۾ سوچ ۽ ويچار پيدا ڪري ٿو ۽ اها سوچ ۽ سُرت ماڻهوءَ کي نہ رڳو فڪري طرح جهنجهوڙي ٿي، پر اها ان جي باطن کي پڻ اُجاري اَڇو ڪري ٿي. انسان جيستائين درد جي ڪَرب مان نہ ٿو گذري، پنهنجي وجود کي نہ ٿو وڃائي، اجاين غرضن ۽ طمعن کي ترڪ نہ ٿو ڪري، سورن جي آويءَ ۾ پچي ۽ پڄري نہ ٿو، تيستائين ان جي اندر ۾ نہ رڳو گُداز، نفاست، نزاڪت ۽ محبت جهڙيون خوبيون ۽ خوبصورتيون پيدا ٿي نہ ٿيون سگهن، پر اهو ’اُتم ۽ اعليٰ‘ جي پد تي پڻ پهچي نہ ٿو سگهي، ڇو تہ ’عبد‘ کي فقط ’نابودي‘ ۽ ’سور جي سَٽَ‘ ئي اعليٰ ۽ اُتم بڻائي سگهندي آهي، تڏهن ئي تہ لطيف چوي ٿو:

نابُودِيءَ نيئِي، عَبدَ کي اَعليٰ ڪَيو،
مُورَتَ ۾ مَخفِي ٿيا، صُورَتَ پڻُ سيئِي،
ڪبيِ اِتِ ڪيهِي؟ ڳالهِ پِريان جي ڳُجهَ جي.
(سُر آسا، د-1، ب-13)

جن وِڃايو وُجودُ کي، سي فاني ٿيا 'فِي اَللّٰهَ' ۾،
نہ تِن قِيامُ، نہ قُعُودُ کي، نہ ڪو ڪَنِ سُجُودُ،
جيلان ٿِيا نابُودُ، تيلان گَڏِيا بُود کي.
(سُر آسا، د-1، ب-17)

انسان سان سور جو ساٿ ازلي ۽ ابدي آهي، انهيءَ ڪري انسان جي جمالياتي اؤسر ۾ دردن ۽ سورن جو وڏو عمل دخل رهيو آهي. انسان هن وقت تائين جيڪي تخليقي شاهڪار سِرجيا ۽ فني شهپارا تخليق ڪيا آهن، دردَ انهن جو مکيہ ۽ وڏو محرڪ رهيا آهن.

سچ تہ سور هڪ اهڙي تخليقي وٿ آهي، جيڪا هڪ طرف انسان جي اندر ۾ انيڪ نوع جي ڪيفيتن کي اُڀاري ٿي، تہ ٻي طرف اها انساني نفسيات تي وڏا اثر پڻ ڇڏي ٿي. درد ۽ سور نہ رڳو جذبات کي بيدار ڪري، ماڻهوءَ جي من کي ميڻ بڻائين ٿا، پر انسان کي تخليقي سرگرميءَ لاءِ پڻ اتساهين ۽ آڀارين ڪن ٿا. خاص ڪري فنڪارن ۽ فنونِ لطيفہ سان تعلق رکندڙ ماڻهن لاءِ درد ۽ سور هڪ 'سُتي/ دوا' وانگر هوندا آهن، جنهن سان هو نہ فقط پنهنجن دلي روڳن جو علاج ڪري، انهن کي احساساتي راحتون بخشيندا آهن، پر هو درد جي سُرت سان پنهنجن تخليقن ۾، زندگيءَ جو رنگ ۽ روح پري، ان کي امر ۽ لازوال ڪري ڇڏيندا آهن.

حقيقت ۾ 'سور' هڪ اهڙو عالمي احساس آهي، جنهن جو هر ٻوليءَ ۾ اظهار تہ پنهنجي انداز ۽ نوع جو ٿي سگهي ٿو، پر ان جي ڪيفيت ۽ تاثر يڪسان هوندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو، اياز ڏک کي انسان جو مشترڪہ ورثو قرار ڏيندي، درد بابت پنهنجن احساسن جو اظهار هن ريت ڪيو آهي:

سڀ انسان ٻَڌا پيا آهن
ڏُکَ جي ڪنهن رشتي ۾،
اهڙي ڳوڙهي ڳَنڍِ نہ آهي
سُک جي ڪنهن رشتي ۾.
هُن جي ٻولي آءُ نہ ڄاڻان
توڙي اُن جو دردُ سڃاڻان.(١٠)





دنيا جي سيني شاعرن پنهنجي شاعريءَ ۾ اڪثر دردن ۽ سورن کي اظهاريو ۽ اوريو آهي، پر شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ دردن ۽ سورن جو مذڪور ڪجهہ سرس، وڏيڪ سُپڪ، سُندر، احساساتي لحاظ کان تخليقي، منفرد ۽ موهيندڙ انداز ۾ ملي ٿو. شاهہ لطيف، ازلي ۽ انساني حُسن سان گڏ زندگيءَ ۽ ڪائنات جي سونهن جو پڻ شيدائي آهي. هو حُسن جي مظهرن جو مشتاق ۽ تخليقي تصورن جو نہ رڳو مها مصور آهي، پر هو بي جان لفظن ۾ احساسن جو روح بيدار ڪرڻ جو تخليقي فن بہ خوب ڄاڻي ٿو. هن جي شاعريءَ جو اصل جوهر ۽ جان 'اُنس ۽ انسانيت' آهي، ڇو تہ اهو فقط انسان ئي آهي، جنهن وٽ قادر مطلق ۽ ڪائنات جي سونهن ۽ سُندرتا کي پَسڻ، پُرجهڻ ۽ محسوس ڪرڻ جي شڪتي ۽ بصيرت آهي.

شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ تمام گهڻي موضوعاتي ۽ تخليقي وسعت آهي، پر ان سان گڏوگڏ ان ۾ جماليات جو هڪ نرالو ۽ نئون جهان پڻ موجود ملي ٿو. هن جي جمالياتي دنيا ٻين ڪيترن ئي شاعرن وانگر صرف 'طلسمي ۽ تخيلاتي' نہ آهي، پر تخليقي ۽ زندگيءَ جي حقيقي رنگن ۽ روح سان سرشار آهي. هُن پنهنجي شاعريءَ ۾ نہ فقط سنڌ جي لوهارن، ڪنيارن، ملاحن، ڪاهوڙين، ڏوٿين ۽ سخي مردن جي خصوصيتن ۽ خاصيتن جو ذڪر ڪيو آهي، پر ان ۾ ڌرتيءَ جي لَيُن لاٽن، دريائن، ندين، ڍنڍن، ڍورن، پکين، جانورن، گلن ۽ ٻوٽن جي حسين ۽ موهيندڙ عڪاسي بہ ملي ٿي. لطيف، پنهنجي شاعريءَ ۾هڪ پاسي قدرت جي فطري منظرن ۽ مظهرن جي منظرڪشي ڪئي آهي، تہ ٻئي پاسي سندس شاعريءَ ۾ انساني سونهن، ماڻهوءَ جي دردن، سنڌ جي تاريخ، ثقافت ۽ تهذيب جي احساساتي اهڃاڻن جا عڪس بہ موجود ملن ٿا. لطيف سائين، فطرت ۽ زندگيءَ جي هنج مان اهي سمورا عڪس، احساس ۽ اهڃاڻ ڪٺي، پنهنجي ڪلام ۾ اهڙي تہ حسين پيرايي ۾ پيش ڪيا آهن، جو سنڌي شاعريءَ ۾ اهڙو ٻيو ڪو مثال ۽ نمونو ورلي ڪٿي نظر اچي ٿو.

پاڻ ارپڻ، جدوجهد ۽ پنهنجي محبوب سان سچائيءَ جو هي انداز تہ ڏسو، جنهن ۾ لطيف سائين، سسئيءَ کي پنهنجي پرينءَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ رڳو هٿن، پيرن ۽ مونڙين سان هلڻ جي تلقين نہ ٿو ڪري، پر هِنئين سان هلڻ، نينهن سان نڀائڻ ۽ زندگيءَ ۾ هر حال ۾ پنهونءَ سان قول پاڙڻ جي ڳالهہ ڪندي چوي ٿو:

هٿين، پيرين، مُونَڙِئين، هَلِج ساڻ هِنئَين،
عِشقُ آريءَ ڄامَ جو، نباهي نِئين،
جان جان تي جِئين، تان پاڙِج قول پُنهونءَ سين.
(سُر معذوري، د-۵، ب-۱)

’هنئين سان هلڻ‘ ۽ ’نباهي نئيڻ‘ جون ترڪيبون هڪ طرف شاعراڻي حِسيت ۽ جمالياتي حُسناڪيءَ سان ٿِمٿار آهن، ته ٻي طرف انهن ۾ ڪمال جي تخليقي ۽ فڪري گهرائي ملي ٿي. ساڳي وقت ان ۾ جدوجهد، جاکوڙ ۽ سور سان سُٻنڌ جو نرمل احساس پڻ موجود ملي ٿو، جيڪو هر لحاظ کان حسين ۽ اُتساهيندڙ آهي.

لطيف وٽ درد جو احساس عارضي نہ، پر دائمي ۽ دلڪش آهي. هو درد کي تعميري ۽ تخليقي انداز سان نہ صرف پنهنجي شاعريءَ ۾ اظهاري ۽ اوري ٿو، پر عملي طور پڻ درد کي زندگيءَ جو اَٽٽ حصو سمجهي ٿو. هُن لاءِ درد، دهشت ۽ وحشت جي علامت نہ، پر عجيب لذت، لطف، تخليقي احساس ۽ بامعنيٰ آجپي جو اهڃاڻ آهي. هو نہ رڳو ’سور‘ مان ’سُرور‘ ماڻڻ ۽ سگهه حاصل ڪرڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو، پر ’سُرور‘ مان ’سور‘ جا درس پرِائڻ جو تاڪيد ۽ تلقين پڻ ڪري ٿو، اهو ئي سبب آهي جو وٽس عاشقن جي وڏي اهميت آهي.

عاشق، جن جو نہ رڳو سرير ۽ ساهہ، سور جي مٽيءَ مان ڳوهيل هوندو آهي، پر سندن سُرت پڻ سور مان سِرجيل هوندي آهي. حقيقت ۾ هن دو رنگي دنيا ۾ اهي يگانا ۽ يڪ رنگا عاشق ئي آهن، جيڪي درد جي حُسناڪي ۽ سور جي سرور کان نہ رڳو آشنا آهن، پر روءِ زمين تي اها نرالي مخلوق بہ فقط عاشقن ۽ عارفن جي ئي آهي، جيڪا نہ فقط ’سوريءَ کي سينگار‘ سمجهڻ، ’وِهَہ کي ڏسي وهسڻ‘ ۽ ’زهر کي زم زم جيان پيئڻ‘، ’چاڪ چِڪڻ باوجود عام سان آهہ نہ سلڻ‘، ’درد مان راحت ۽ راحت مان سورن ۽ پورن پُرجهڻ‘ جو خوب هنر ڄاڻي ٿي. پر ان سان گڏوگڏ ’ڪُسڻ ۾ قرار‘ محسوس ڪرڻ جهڙو لطف ماڻڻ ۽ ڄاڻڻ جي سگهہ ۽ سُرت بہ صرف وٽن ئي موجود آهي، تڏهن ئي تہ لطيف فرمايو آهي تہ:

سُورِيءَ آهہ سينگارُ، اَڳهَين عاشقن جو،
مُڙڻ، موٽڻ مِيهڻو، ٿيا نظاري نِروارُ،
ڪُسڻَ جو قَرارُ، اَصُل عاشقن کي.
(سُرڪلياڻ، د-۲، ب-۵)





عاشق زَهَرَ پياڪَ، وِهُ ڏسي وِهُسَنِ گهڻو،
ڪَڙي ۽ قاتلَ جا، هميشہ هيراڪَ،
لَڳِينِ لَنؤ لطيف چي، فَنا ڪيا فِراقَ،
توڻي چِڪَنِ چاڪَ، تہ بہ آهَ نہ سِلنِ عامَ کي.
(سُرڪلياڻ، د-۲، ب-۲۳)

رَڳُون تيون رُبابُ، وَڄَنِ ويلُ سَيَڪَنهِين،
لُڇَڻُ، ڪُڇَڻُ نہ ٿِيو، جانبُ رِيءَ جَبابُ،
سوئي سَنڌِيندُمِ سُپرِين، ڪَيَسِ جنهن ڪُباب،
سو عين عَذابُ، سو ئي راحَتَ رُوحَ جي.
(سُرڪلياڻ، د-۳، ب-۶)

هونئن تہ شاهہ لطيف جي شاعريءَ جا انيڪ موضوع آهن. مثلا: ’محبت، جدوجهد، قرباني، حُب الوطني، سونهن، سچ، سُرت، سوڀ، سجاڳي، فطرت، خدا، فنا، بقا، زندگي، موت، ڪوڙ، ڪُپت، ڪينو، وصل، وڇوڙو، انتظار، بي چيني، وفا، بي وفائي، حاصلات، لاحاصل‘ وغيره، پر جيڪڏهن سندس شاعريءَ جو گهرائيءَ ۽ گيرائيءَ سان مطالعو ڪبو تہ، ان ۾ سڀ کان وڌيڪ حاوي موضوع ’درد ۽ سور‘ ملندو، جنهن کي شاهہ لطيف نرالي ۽ مؤثر انداز سان، نہ رڳو اظهاريو ۽ بيان ڪيو آهي، پر ان جي اَڇوتي فڪري ۽ احساساتي پهلوئن کي ڇُهي، ان کي منفرد فنڪاراڻي نزاڪت، نرملتا ۽ تخليقي حُسناڪيءَ سان پيش پڻ ڪيو آهي.

شاهہ لطيف وٽ سورن ۽ پورن جي پچار، هر سُر ۾ جهجهي ۽ منفرد انداز ۾ ملي ٿي. سندس سمورا سورما ۽ سورميون سورن جي آويءَ مان پچي ۽ رچي نڪتل آهن. خاص طور تي سندس سورميون ’سهڻيءَ کان وٺي سسئي، ليلا، مارئي، نوري، مومل ۽ سورٺ‘ تائين هر ڪنهن وٽ پنهنجا پنهنجا سور ۽ پور آهن. انهن مان هر هڪ جي، نہ رڳو دانهن ۽ دردن جو داستان پنهنجو پنهنجو ۽ انفرادي آهي، پر انهن مان هر هڪ وٽ پنهنجي ڪيفيتن جي اظهار جو انداز ۽ اسلوب پڻ پنهنجو آهي، حيرت جي ڳالهہ اها آهي، تہ انهن سڀني جي سورن ۾ يڪسان ڪمال هڪجهڙائي ملي ٿي، اُها اِها تہ پهريان ڏک ۽ سور انهن کي ٿوڙي، پڃي ۽ پوري وجهن ٿا، اهي ڏکن جا ڏونگر ڏورن ۽ سورن جا ڏاڳ پوڳين ٿيون، پر جڏهن اهي سموريون سورميون درد جي درياءَ مان

اُڪري پار پون ٿيون، تڏهن اهي ئي سور ڪين سموئي، ميڙي، جوڙي مُٺ ڪري، اهڙو سگهارو ۽ ثابت قدم بڻائين ٿا، جو دنيا جي ڪائي طاقت ڪين جهڪائي ۽ جهوري نہ ٿي سگهي. شاهہ جي انهن ڪردارن جي ٽُٽڻ ۽ جُڙڻ جي انهيءَ سموري سفر ۾ ’عشق ۽ محبت‘ سدائين سندن هادي ۽ حامي نظر اچي ٿو، انهيءَ ڪري ئي اهي بنا ڪنهن وسيلي جي، حالتن جو تارِ درياءُ تري وڃي منزل تي رَسن ٿيون:

پاڻُ مَ ڪَٽِج پاڻَ سين، وَسِيلا وِسارِ،
لُڙُ لَنگهائي، سُهڻِي! پرتِ وجهنديءِ پارِ،
سي تُرتُ لَنگهِنديوُن تارِ، اُڪَنڊَ آڳَهہُ جن سين.
(سُر سهڻي، د-١، ب-٢٦)

ڪونهي آڳَهہُ اهڙو، جهڙي مُحبتَ مَنِ،
اُپيوُن اورئين پارَ ڏي، ڪُوڙيوُن ڪَکَ پُڇَنِ،
نَدِي تَنِ نِيڙُ ٿئي، جي ريءَ تُرَهي تَرَنِ،
سِکَ رَساڻي، سُهڻِي! اَصلِ عاشِقَنِ،
سي جَهليوُن ڪِينَ ڪُنُنِ، پُڇِنِ جي ميهارَ کي.
(سُر سهڻي، د-١، ب-٣٠)

’شاهہ جو رسالو‘ پنهنجي پَرِ ۾ درد جو هڪ اهڙو عميق درياهہ آهي، جنهن ۾ ڏک جا راڳ (Songs of grief) پنهنجي لئي ۽ تار سان وَهندا نظر اچن ٿا. هو درد کي ڳائيندڙ اهڙو فنڪار آهي، جنهن درد کي دانهن مان ڪڍي، هڪ مرحلي جو درجو ڏئي ڪيس دوامِ بخشي ڇڏيو آهي. هن وٽ درد، درد نہ ٿو رهي، هو ان مان جمالياتي حِظ ماڻي ٿو ...هن وٽ ڏک رهنمائي ڪندڙ عنصر آهي.“(11)

شاهہ پنهنجي شاعريءَ ۾ ’خوابن ۽ خيالن‘ جي هڪ اهڙي دلڪش ۽ منفرد دنيا تخليق ڪئي آهي، جنهن ۾ خواب حقيقتن جهڙا ۽ حقيقتون خوابن جهڙيون محسوس ٿين ٿيون. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ تخليقي سگهہ ۽ فني ڪاريگريءَ سان سچ تہ هڪ ’نئين فينٽسي‘ (New Fantasy) تخليق ڪئي آهي، جنهن ۾ هن ڪيترن ئي خوابن کي حقيقت وانگر ۽ ڪيترين ئي حقيقتن کي خوابن جهڙي حُسناڪي ۽ حِسيت سان اظهاريو ۽ پيش ڪيو آهي:





پاٻوهي هيڪارَ، مون ڪان پُڇيو سَڄَڻين،
’اَلَستُ بِرَبڪُم‘، چيائون جنهن وارَ،
سَندي سور ڪِنارَ، تَنَ تَڏاهڪُون نہ لهي.
(سُرڪلياڻ، د-٣، ب-١٥)

جي پائين پرينءَ مِڙان، تہ سِکُ چوران ڪِي ڏاتِ،
جاڳَڻُ جَشَنُ جن کي، سُکُ نہ ساري راتِ،
اُجهي ٻُجهي آئيا، وائي ڪَنِ نہ واتِ،
سَلي سُوريءَ چاڙهيا، ٻَيان ڪَنِ نہ باتِ،
توڻي ڪُسَنِ ڪاتِ، تہ بہ ساڳي سَلَنِ ڪينُ ڪي.
(يمن ڪلياڻ، د-٢، ب-٨)

وَڍي جن وڍياسِ، وَري ويجَ ئي سي ٿِيا،
تُرتُ ٻَڌائُون پَٽِيوُن، روزِ ڪيائُون راسِ،
هِينئڙا! تنين پاسِ، گهارِ تہ گهَايلُ نہ ٿِئين.
(يمن ڪلياڻ، د-٢، ب-١١)

جماليات جو وڏو شارح، شڪيل الرحمان پنهنجي ڪتاب، ’ادب اور جماليات‘ ۾ فينٽسيءَ بابت لکي ٿو، ”اصل ۾ فينٽسي تخليقي فڪر ۽ نظر جي هڪ صورت آهي، جنهن جو انسان جي نفسيات سان گهرو تعلق آهي.....فينٽسيءَ جي اهميت فقط ادب ۾ ئي نہ آهي، پر انسان جي ترقي ۽ ان جي فڪري ارتقا ۾ ان جي اهم ڪردار هجڻ سان گڏوگڏ مصوري، موسيقي، فزڪس ۽ رياضيءَ جي علم جي واڌ ويجهہ سان پڻ ان جو وڏو رشتو ۽ سُبنڌ آهي. فينٽسي ذهن جي اها نفسياتي ڪيفيت هوندي آهي، جيڪا شين کي نئين انداز سان ڏسي ۽ پيش ڪري ٿي، ۽ انهيءَ پيشڪش کان پوءِ ماڻهو شين کي نئين صورت ۾ پَسڻ، پائڻ ۽ محسوس ڪرڻ لڳي ٿو.“(12)

ڪلاسيڪي سنڌي شاعريءَ ۾ لطيف ’فينٽسيءَ‘ جو عظيم تخليقڪار آهي. هن پنهنجي احساساتي ۽ وجداني بصيرت سان نہ رڳو ’اِميجري‘ تخليق ڪئي آهي، پر ان کي نرالي جمالياتي جوت بہ عطا ڪئي اٿائين. لطيف درد کي ’فينٽيسائيز‘ ڪري، اهڙي دل گُداز انداز ۽ جمالياتي جاذبيت سان پيش ڪيو آهي، جو اهو ’ڪَرب ۽ تڪليف‘ جي علامت بڻيل ’درد‘ لفظ، ’قرار ۽ سڪون‘ جو اهڃاڻ بڻجي پوي ٿو، ۽

ماڻهو ان کان ڏور پچڻ بدران ان سان عجيب قرابت ۽ اُنسيت جو تعلق محسوس ڪرڻ لڳي ٿو:

ڪانڊين، ٽانڊين، ٻاٻُرين، پَچان مَرُ پيئي!
جيرا، جِگرَ، ٻُڪيُون، سيخُنِ ۾ ٽيئي!
ويڇُنئُون ويئي، ٿي وَهيڻي سَڄڻين!
(سُر يمن ڪلياڻ، د۔ ٣، ب۔ ٣)

پٽائيءَ جو چا تہ ڪمال آهي، جو جيڪي سُورَ عام طرح سان لوڪ جي نظر ۾ اذيت ڏيندڙ، جهوريندڙ، پچندڙ، پوريندڙ ۽ ماريندڙ هوندا آهن، اهي سندس نظر ۾ ماڻهوءَ کي جوڙيندڙ، منجهس جستجو پيدا ڪندڙ، جرئت ڏيندڙ ۽ ڪيس جيئاريندڙ آهن. شاهہ جا ڪردار 'سور' کي 'اذيت ۽ عذاب' نہ ٿا سمجهن، پر انهن کي هڏ ڏوکي ۽ همدرد ڀانئن ٿا، تڏهن ئي تہ لطيف جا ڪردار انهن کي سڏي سيني لائن ۽ ڳر لڳي ڳالهيون ڪن ٿا، ڇو تہ اهي درد ئي سندن حال ڀائي ۽ ڏُکئي تن ۽ من جو ڏڍ آهن:

سَنڌيُون سُورَ ڪَرِين، هڏ پڻ ڏُکَن هوت لَئہ،
پِريُن جي پانڌَ ڏنا، سي سُتي سُکُ نہ ڏِين،
جي ماڙهن ڪي مارين، تِن سُورَن کي سَڏَ ڪَريان!
(سُر سسئي آبري، ابيات متفرق، ب ٢)

جن سورن لاءِ اهو تاثر عام آهي تہ اهي سُکن جا ويري هوندا آهن، لطيف انهن سورن کي نہ صرف واهرو، ڏڍ ۽ آٿت سمجهي ٿو، پر هو سورن کي ئي سگهہ ۽ صحت ڀانئي ٿو. تڏهن ئي تہ سسئيءَ لاءِ چوي ٿو تہ اهي سور ساڻس پينگهي ۾ گڏ پليا، نپنا ۽ جوان ٿيا آهن. سُکن انهن سورن لاءِ ئي ڪيس سانديو ۽ سنياليو آهي:

هُوءِ جي سُورَ سُڄَنِ، مُون پينگهي ۾ پرائِيا،
سانِدِياسِ سُکنِ، سورن ڪَارَڻِ سَرَتيُون!
(سُر حسيني، د۔ ١٠، ب۔ ١٥)

دردن جي وحشت ۽ دهشت سبب ماڻهو، جن سورن کان ونءُ ويندا آهن ۽ سورن جي سڪٽي سار ۽ پچار سان بہ ڪين عجيب تڪليف ۽ درد جو احساس ٿيڻ لڳندو آهي، ساڳين دردن ۽ سورن کي لطيف ۽ ان جا ڪردار نہ فقط خوشيءَ سان پنهنجو ڪري ۽





ڳلي لائي، پنهنجو حال ڀائي ٻڌائين ٿا، پر انهن سورن کي ساٿ ۾ رهڻ ۽ ڇڏي نہ وڃڻ لاءِ هن طرح آزيون ۽ نيزاريون پڻ ڪن ٿا:

سُورَ! مَ مَتج ساءُ، آئُون نہ وڪَني آهيان،
وَڃِجَ مَ ويل ڪَنهين، ورهـَ! مون وٽاءُ،
تون پَڻ تڏهن جاءُ، جڏهن ٿيا هيَڪاندي هوتَ سين.
(سُر حسيني، د۔ ٦، ب۔ ١٢)

شاهہ لطيف جي شاعريءَ تي تحقيق ۽ تشريح جي حوالي سان چڱو ڪم ٿيو آهي، پر هُن جو فڪر ۽ فن ايترو وسيع ۽ همہ گير آهي، جو انهيءَ تي اجا تمام گهڻي ۽ گهڻ رخي ڪم جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي. خاص طرح سان شاهہ جي شاعريءَ تي فني، فلسفياڻي، نفسياتي، جمالياتي ۽ سندس شاعريءَ ۾ موجود انيڪ 'حسياتي ۽ تخليقي جهتن' جي حوالي سان اڀياس جي اشد ضرورت آهي. شاهہ جي شاعريءَ ۾ روايتي روحاني رازن جي تلاش ۽ مافوق الفطرت اسرارن جي ڳولا ۽ ڳُٽيءَ کان اڳتي وڌي، هاڻي سندس شاعريءَ جي مختلف فڪري ۽ فني پهلوئن جي جديد تنقيدي معيارن جي روشنيءَ ۾ ڇنڊڇاڻ ڪرڻ گهرجي، ڇو تہ اها ئي جديد دؤر ۽ موجوده معاشري جي تقاضا آهي، جيڪڏهن اسان وقت سِر ان جو پورائو نہ ڪنداسين تہ، شايد شاهہ جي شاعريءَ مان اهو حقيقي لاڀ ڪڏهن بہ حاصل ڪري نہ سگهنداسين.

لطيف جي شاعري فن، فڪر ۽ جماليات جو اهو مها ساگر آهي، جنهن جي هن وقت تائين گهڻو ڪري عقيدت ۾ اسان رڳو 'سيوا' ئي ڪئي آهي، پر ان جي فڪر جي مڌ ۽ امرت مان 'سُرڪي پي'، اها 'سُرت ۽ ساهس' حاصل ڪري ڪونہ سگهيا آهيون، جيڪا ماڻهوءَ کي 'مست ۽ اَلست' بڻائي، 'سچ، سونهن ۽ آدرش' جي راهہ ۾ سڀ ڪجهہ قربان ڪري ڇڏڻ ۽ هر آزمائش جي وات تي 'ثابت قدم' رهڻ جي سگهہ عطا ڪندي آهي.

شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ 'درد جو فلسفو' هر لحاظ کان نئون، نرمل ۽ تخليقي آهي. اهو هڪ طرف انساني شعور ۽ فهم جي اؤسر ۾ ڪردار ادا ڪري ٿو تہ، ٻي طرف باطني طور انسان جي نئين سر تخليق ڪري، ان کي ان لائق بڻائي ٿو، جو هو فقط 'پاڻ لاءِ جيئڻ ۽ سڀ ڪجهہ ڪرڻ جي خفت ۽ جفت مان نڪري'، 'اُنس ۽ انسانيت'

جي جياپي کي ئي اصل ’آجپو ۽ عبادت‘ سمجهڻ لڳي ٿو، تڏهن ئي تہ پٽ ڏٽي درد کي ايڏي وقعت ڏئي، ان جي دَور/ وِرد ڪرڻ ۽ سور مان ’سبق‘ پِرائڻ جي تلقين ڪري ٿو:

جن کي دَورُ دَردَ جو، سبق سُورَ پڙهن،
فڪرَ فَرَهِي هٿ ۾، ماٽ مُطالع ڪنِ،
پَنو سو پڙهنِ، جنهن ۾ پَسنِ پِرينءَ کي.
(سُر يمن ڪلياڻ، د ـ ٣، ب ـ ١٧)

پٽائي جي نظر ۾ درد ئي ماڻهوءَ جي وجود جا سمورا ورق ڏوئي، ان جي اندر کي اُجرو ڪندو ۽ ڪيس منزل تي رَسائيندو آهي، تنهن ڪري ’سُکن جي سَڌ ڪرڻ‘ وارن بدران لطيف انهن ماڻهن کي سرهائيءَ سان ساٿ ۾ ڪٽي هلڻ لاءِ تيار آهي، ’اندر جنين جا اڏ‘ آهن:

سُکَن واري سَڌَ، مَتان ڪا مون سين ڪَري،
اَندَرُ جِنين اَڌَ، ڏُونگَرَ سي ڏورِينديُون.
(سُر سسئي آبري، د ۴، ب ۵)

**نتيجو:** ’شاهہ جي درد جو فلسفو‘ هڪ طرف جمالياتي آهي تہ، ٻِئي طرف اهو تعميري ۽ تخليقي آهي، انهيءَ ڪري ان کي سنجيدگيءَ ۽ سُچيتائيءَ سان سمجهڻ ۽ هيئين سان هنڊائڻ جي نہ صرف سخت ضرورت آهي، پر ان کي ’پُرجهڻ ۽ پائڻ‘ کان پوءِ ٻين تائين پهچائڻ پڻ لازمي آهي ڇو تہ اڄوڪي ’دجالي دَوَر‘ ۾، جتي هر ماڻهو ذاتي نفسانفسي ۽ معاشي مصيبتن ۾ وڪوڙيل ۽ عجيب ذهني انتشار جو شڪار آهي، اُتي شاهہ جي درد جو فڪر ۽ فلسفو ئي آهي، جيڪو ان ’ٻہ واٽي تي بيٺل بيوس ۽ لاچار ماڻهوءَ‘ لاءِ ڏِيءُ ۽ آٿت بڻجي، ان جي نجات سان گڏ سندس احساساتي آنند ۽ اطمينان جو ذريعو بڻجي سگهي ٿو .

## حوالا


1. جمال حسين، قاضی، ’جمالیات اور شاعری‘، براؤن بُک پبلیکیشنز نئی دھلی، 2015ع، ص:23.
2. http://paulford.com/what-is-aesthetics
3. شکیل الرحمان ’ادب اور جمالیات‘ (مرتب: شیخ عقیل احمد)، 2011ع، ص:18.







4. مهراڻي، شير، ڊاڪٽر ـ ’شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ جماليات‘، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ٢٠١٣ع، ص:٢٢، ٢٣.
5. شکیل الرحمان ’ادب اور جمالیات‘، 2011ع، ص:19.
6. https://en.wikipedia.org/wiki/Pain
7. http://www.dictionary.com/browse/pain
8. http://www. pain-management-psychogenic-pain
9. https://literarydevices.net/pathos
١٠. شيخ اياز، ’شيخ اياز ۴، راج گهاٽ تي چنڊ‘، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ٢٠٠٩ع، ص: ٢۴۵.
11. مهراڻي، شير، ڊاڪٽر ـ ’شاهہ عبداللطيف جي شاعريءَ ۾ درد‘، ڪينجهر (تحقيقي جرنل)، شمارو ١٨، سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، ٢٠١۵ع، ص:٩٨، ٩٧.
12. شکیل الرحمان ’ادب اور جمالیات‘، 2011ع، ص:11، 10.


نوٽ: شاهہ لطيف جا بيت ڪلياڻ آڏواڻيءَ جي رسالي، ڇاپو ٢٠١٣ع، روشني پبليڪيشن مان ورتا ويا آهن.